

# شانِ رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

سنڌي

پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ۴٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: شانِ رفاعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه
ڇاپو پهريون: جمادي الثاني 1442هـ، ڊسمبر 2020ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي


**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# شانِ رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## 1 شانِ رفاعي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه


دعاءِ عطار ........................................ 1
درود شريف جي فضيلت ........................................ 1
ستن اوليائن جون ست خوشخبريون ........................................ 1
ديدار مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ خوشخبري ........................................ 2
مامي جي تربيت هيٺ ........................................ 3
سجاده نشيني جوواقعو ........................................ 4
نفلن جي ڪثرت ........................................ 5
مخلوق خدا تي شفقت ........................................ 5
ڪتي تي رحم ........................................ 5
ڪوڙهين ۽ مَندن جي خدمت ........................................ 6
ٻارن تي شفقت ........................................ 7
پوڙهن ماڻهن تي شفقت ........................................ 8
مسڪينن ۽ بيواهن جي داد رسي ........................................ 9
مونکي منهنجو عيب ٻڌاءِ ........................................ 10
فرمانِ غوثِ اعظم تي گردن جهڪائي ورتي ........................................ 12
امام رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ۽ اولياءِ امت ........................................ 13
دنيا ۾ جنّتي محل جي ضمانت ........................................ 14
ٻوڙا ٻه ڪلام ٻڌي وٺنداها ........................................ 16
جهنم کان آزادي جو پروانو ........................................ 16
ملفوظاتِ احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ........................................ 17
سندن اولاد ........................................ 18
زندگي جا آخري ڏهاڙا ........................................ 18
وصال کان پوءِ ٻه حاجت روائي ........................................ 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# شانِ رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو 17 صفحن جو رسالو ”شانِ رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي امام احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو فيضان نصيب فرما ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله ڪريم جي آخري صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: بيشڪ توهان جا نالا سجاڻپ سان گڏ مون تي پيش ڪيا ويندا آهن تنهنڪري مون تي خوبصورت لفظن ۾ درود پاڪ پڙهو.

(مصنّف عبدُالرزّاق ج 2 ص 140 حديث 3116)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ستن اوليائن جون ست خوشخبريون

هڪ ڏينهن ۾ پيارو بار الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي پرسان گذريو ته اهي بزرگ ان ٻار کي ڏسڻ لڳا. انهن مان هڪ ڪلمهءِ طيّب لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه پڙهيو ۽ چوڻ لڳو: اهو برڪت وارو وڻ ظاهر ٿي چڪو آهي، ٻئي فرمايو: ان وڻ مان ڪيئي ٽاريون نڪرنديون، ٽئين چيو: ڪجهه عرصي ۾ ان وڻ جي ڇانوَ ڏکهي ٿي ويندي، چوٿين فرمايو: ڪجهه عرصي ۾ هن جو ميوو وڏي ويندو ۽ چنڊ چمڪي پوندو،

پنجين فرمايو: ڪجھ عرصي کان پوءِ ماڻھو ھن مان ڪرامتن جو ظھور ڏسندا ۽ تمام گھڻو ھن ڏانھن مائل ٿيندا، ڇھين فرمايو: ڪجھ ئي وقت ۾ ھن جو شان ۽ عظمت بلند ٿي ويندي ۽ نشانيون ظاھر ٿي وينديون. ستين فرمايو: خبر ناھي (برائي جا) ڪيترا دروازا انھن جي ڪري بند ٿي ويندا؟ ۽ تمام گھڻا ماڻھو ھن جا مريد ٿيندا.

(جامع کرامات الاولياء ج 1 ص 490)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جا ڪروڙين احسان آھن جنھن اسان جي دلين ۾ اولياءڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي محبت پيدا فرمائي آھي ھاڻي جنھن نيڪ ۽ ڪرامت واري ٻار جو ذڪر ٿيو اھي سلسلهٔ رفاعيه جا عظيم پيشوا حضرت سيدنا محي الدين سيد ابو العباس احمد ڪبير رفاعي حسيني شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ھئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏوھٽي حضرت سيدنا امامِ حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي اولاد مان آھن (سيرت سلطان الاوليا ص 22 ملتقطاً)

اچو! برڪت حاصل ڪرڻ خاطر انھن جو ذڪرِ خير ٻڌون ٿا: حضرت سيدُنا سُفْيان بن عُيينه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: عِنْدَ ذِكْرِ الصّٰلِحِيْنَ تَنْزِلُ الرَّحْمَة. يعني نيڪ ماڻھن جي ذِڪر جي وقت رحمت نازل ٿيندي آھي.

(حِلْيَةُ الْاَوْلِيَاء، ۷/ ۳۳۵ ،رقم ۱۰۷۵۰)

## ديدار مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ خوشخبري

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پيدائش کان 40 ڏينھن پھريان سندن مامي حضرت سيدنا منصور بطائحي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي خواب ۾ الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار ٿيو، ڏٺائون تہ مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائي رھيا آھن. اي منصور! 40 ڏينھن کان پوءِ تنھنجي ڀيڻ وٽ ھڪ ڇوڪرو پيدا ٿيندو ان جو نالو احمد رکجو ۽

جڏهن اهو ڪجهه سمجهدار ٿي وجي ته ان کي تعليم جي لاءِ شيخ ابو الفضل علي قاري واسطيرَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وٽ موڪلي ڇڏجو ۽ ان جي تربيت ڪندي هرگز غفلت نه ڪجان. ان خواب جي پوري 40 ڏينهن کان بعد حضرت سيدنا احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي ولادت ٿي. (طبقات الصوفية للمناوی ج 4 ص 191)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مامي جي تربيت هيٺ

پاڻ رَحْمَةُ الله عَلَيْه ستن سالن جي عمر ۾ قرآن ڪريم حفظ (يعني زباني ياد) ڪيو، انهيءَ سال سندن والد صاحب ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ بغداد تشريف وٺي ويا ۽ اتي انهن جو انتقال ٿي ويو. والد صاحب جي انتقال کان پوءِ سندن مامي شيخ منصور رَحْمَةُ الله عَلَيْه کين ۽ سندن والده کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو ته جيئن پنهنجي سرپرستي ۾ پاڻ رَحْمَةُ الله عَلَيْه جي ظاهري ۽ باطني تعليم جو سلسلو جاري رکي سگهن. قرآن پاڪ ته پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه پهريان ئي حفظ ڪري چڪا هئا تنهنڪري ڪجهه ڏينهن کان پوءِ حضرت شيخ منصور رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪمِ پاڪ جي مطابق واسط ۾ حضرت شيخ علي قاري واسطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ سندن کي موڪليو. شيخ علي قاري رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه سندن جي تعليم ۽ تربيت تي خاص توجهه ڏني. استاد صاحب جي خاص شفقت ۽ پنهنجي صلاحيت جي نتيجي ۾ سيد احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه صرف 20 سالن جي عمر ۾ ئي تفسير، حديث، فقه، معاني، منطق و فلسف ۽ تمام مروج علومِ ظاهري حاصل ڪري ورتا ۽ گڏو گڏ

پنهنجي مامي شيخ منصور بطائحي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان علومِ باطني ﻫ سکڻ لڳا، الله پاڪ جي رحمت سان پاڻ باطني علوم ۾ ﻫ تمام جلد ڪمال حاصل ڪري ورتو. (سيرت سلطان الاوليا ص 45 تا 46 ملخصًا، وغيره)

## سجاده نشيني جو واقعو

جڏهن حضرت سيدنا شيخ منصور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وفات جو وقت ويجهو آيو ته سندن گهرواري عرض ڪيو: پنهنجي پٽ جي لاءِ خلافت جي وصيت ڪريو، شيخ منصور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: نه بلڪ منهنجي ڀاڻيجي احمد جي لاءِ خلافت جي وصيت آهي، جڏهن گهرواري گهڻو اصرار ڪيو ته پاڻ پنهنجي پٽ ۽ ڀاڻيجي امام رفاعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي گهرايو ۽ ٻنهي کي فرمايو: مون وٽ ڪجهه جا پن آڻيو، پٽ ته ڪيئي پن ڪٽي آيو پر سيدنا امام رفاعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪو ﻫ پن ڪٽي نه آيو. سبب پڇيو ويو ته حڪمت سان ڀرپور جواب ڏيندي عرض ڪيو: مون سڀني کي الله جي تسبيح ڪندي پاتو، ان ڪري ڪنهن ﻫ پن کي ڪونه ڪٽيم. جواب ٻڌي شيخ منصور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي گهرواري ڏانهن مسڪرائيندي ڏٺو ۽ فرمايائون: مون ﻫ ڪيئي ڀيرا اهائي دعا ڪئي هئي ته منهنجو خليفو منهنجو پٽ ٿئي پر مون کي هر ڀيري اهو ئي فرمايو ويو ته توهان جو خليفو توهان جو ڀاڻيجو آهي. تنهنڪري 28 سال جي عمر ۾ سيد احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي مامي جي طرفان خلافت عطا ٿي ۽ انهيءَ سال شيخ منصور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو انتقال ٿي ويو. (بهجة الاسرار ص 270 وغيره) الله پاڪ جي انهن تي رحمت ٿئي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى اللهُ عليه واٰلهٖ وسلَّم

## نفلن جي ڪثرت

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه روزانو چار سو رڪعت پڙهندا هئا جن ۾ هڪ هزار پيرا سورة الاخلاص پڙهندا هئا پڻ روزانو ﻫ هزار پيرا استغفار ﻫ ڪندا هئا. (طبقات الصوفية ج 2 ص 225)

عبادت میں گزرے مری زندگانی کرم ہو کرم یاخدایاالٰہی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مخلوق خدا تي شفقت

جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اُس ۾ هلي رهيا هوندا ها ۽ ڪا ماڪڙ سندن ڪپڙن ۾ چانوَ واري جاءِ تي ويهي رهندي هئي پوءِ جيستائين اڏري نه ويندي هئي ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه انهيءَ جڳهه تي ويهي رهندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: ان اسان مان چانوَ حاصل ڪئي. (طبقاتِ ڪبرىٰ للشعرانی جزء ۱ ص 200)

## ڪتي تي رحم

هڪ پيري پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خارش واري ڪتي کي ڏٺو جنهن کي ڳوٺ وارن ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو، پاڻ ان کي جهنگل ۾ وني ويا ۽ ان تي مينهن ۽ اُس کا بچائڻ جي لاءِ ڇپر بنايو پڻ ان کي ڪارائيندا ۽ پيئاريندا ۽ هر طرح سان ان جو خيال رکندا رهيا ايستائين جو سندن جي پرپور توجهه جي نتيجي ۾ جڏهن اهو تندرست ٿي ويو ته پاڻ ان کي گرم پاڻي سان وهنجاري صاف سٿرو ڪيو. (طبقاتِ ڪبرىٰ للشعرانی جزء ۱ ص 200)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا احمد ڪبير رفاعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي هن مبارڪ انداز ۾ اسان جي لاءِ بهترين سبق آهي، تنهنڪري اسان کي به گهرجي ته انسان ته انسان جانورن کان به بدسلوڪي نه ڪيون ۽ انهن سان حسنِ سلوڪ سان پيش اچون ڪهڙي خبر اسان جو اهو ئي عمل الله پاڪ جي بارگاهه ۾ قبول ٿي وڃي ۽ اسان جي مغفرت ۽ بخشش جو ذريعو بڻجي وڃي.

الله ڪريم جي آخري نبي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: هڪ فاحشه (يعني بدڪار) عورت جي صرف انهيءَ ڪري مغفرت ٿي وئي ته ان جو گذر هڪ ڪتي وٽان ٿيو جيڪو کوهه جي ڪناري اُڃ جي شدت سبب تڙپي رهيو هو، قريب هو جو سخت اُڃ جي ڪري مري وڃي ها. ان عورت پنهنجو جوراب لاهي رَئي سان ٻڌو ۽ پاڻي ڪڍي ان کي پيئاريو ته اهو ئي عمل ان جي بخشش جو سبب بڻجي ويو. (بخارى ج 2 ص 409 حديث 332)

## ڪوڙهين ۽ مَندن جي خدمت

حضرت سيدنا امام احمد ڪبير رفاعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو اهو به معمول هو ته مريضن ۽ مَندن وٽ ويندا ها ۽ انهن سان همدردي وارو ورتاءُ ڪندا ها، انهن جا ڪپڙا ڌوئيندا ها، انهن جي مٿي ۽ ڏاڙهي مان ڌوڙ مٿي ڪيندا ها، انهن وٽ کاڌو کڻي ويندا ها ۽ انهن سان گڏجي ڪري کائيندا ها ۽ عاجزيءَ طور انهن سان دعائون ڪرائيندا ها، جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڳوٺ جي ڪنهن شخص جي بيماري جي باري ۾ ٻڌندا ها ته انهن وٽ وڃي انهن جي عيادت ڪندا ها جيتوڻيڪ رستو ڪيترو ئي پري ڇو نه هجي ۽ (ڪڏهن ڪڏهن) اچڻ وڃڻ ۾ هڪ ٻه ڏينهن لڳي

ويندا ھا، ڪڏھن تہ ائين بہ ڏٺو ويو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رستن تي بيھي انڌن جو انتظار ڪندا ھئا جيڪڏھن ڪو ملي ويندو ھو تہ ھٿ پڪڙي ان کي منزل تائين پھچائي ايندا ھا. (طبقاتِ کبریٰ للشعرانی جزء ۱ ص 200 بتغير)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غريبن ۽ بيمارن جي مدد ڪرڻ تمام وڏي ثواب جو ڪم آھي، اللہ پاڪ توفيق ڏي تہ اسان کي پنھنجي اوڙي پاڙي ۾ رھڻ وارن عاشقانِ رسول مسلمان پاڙيسرين وغيره جي ڏک غم ۾ ڪم اچڻ گھرجي. اللہ پاڪ جي رحمت واري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جيڪو ڪنھن مسلمان جي دنيا جي تڪليفن مان ھڪ تڪليف پري ڪري، اللہ پاڪ قِيامت جي تڪليفن مان ان جي ھڪ تڪليف پري ڪندو ۽ جيڪو ڪنھن تنگ دست تي دنيا ۾ آساني ڪري اللہ پاڪ دنيا ۽ آخرت ۾ ان تي آساني ڪندو ۽ جيڪو ڪنھن مسلمان جي دنيا ۾ پرده پوشي ڪندو اللہ ڪريم ان جي دنيا ۽ آخرت ۾ پرده پوشي ڪندو ۽ اللہ پاڪ ٻانھي جي مدد تي رھندو آھي جيستائين ٻانھو پنھنجي ڀاءُ جي مدد تي رھي. (ترمذي ج 3 ، ص373، حديث : 1937)

ہمیشہ ہاتھ بھلائی کے واسطے اٹھیں
بچانا ظلم و ستم سے مجھے سدا یارب
رہیں بھلائی کی راہوں میں گامزن ہر دم
کریں نہ رُخ مرے پاؤں گناہ کا یارب

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڀارن تي شفقت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اللہ پاڪ جا نيڪ ٻانھا ڪنھن جي دل ڪونہ ڏکائيندا ھئا جيئن حضرت سيّدنا امام احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُ الله

عَلَيْه جو گذر هڪ پيرو ڪجھ ٻارن وٽان ٿيو جيڪي ڪيڏي رهيا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڏٺائون ته اهي رعب سبب ڀڄي ويا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن جي پويان ويا ۽ فرمايائون: منهنجي ڪري توهان رعب ۾ مبتلا ٿيا تنهنڪري مون کي معاف ڪيو ۽ پنهنجو کيل جاري رکو. (طبقاتِ ڪبريٰ للشعراني جزء1 ص 200)

مرے اخلاق اچھے ہوں مرے سب کام اچھے ہوں　　بنادو مجھ کو تم پابندِ سنت یارسولَ اللہ!
(وسائل بخشش ص 186)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پوڙهن ماڻهن تي شفقت

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن ڪنهن وڏي عمر واري شخص کي ڏسندا ها ته ان جي ڀاڙي وارن وٽ ويندا ها ۽ انهن کي سمجهائيندي اها حديث ٻڌائيندا ها ته حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جيڪو پوڙهي مسلمان جي عزت ڪندو آهي الله پاڪ ان جي پوڙهائپ جي وقت ڪنهن ٻئي کي ان جي عزت ڪرڻ تي مقرر فرمائي ڇڏيندو آهي. (طبقاتِ ڪبرىٰ للشعراني جزء ١ ص 200)

مفسر شهير، حڪيم الامت حضرت مفتي احمديارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث جي شرح بيان ڪندي فرمائن ٿا: جيڪو شخص پوڙهي مسلمان جو صرف انهيءَ ڪري احترام ڪري ته ان جي عمر وڏي آهي، ان جي عبادت مون کان گهڻي آهي، اهو مون کان پراڻي اسلام وارو آهي ته اِنْ شَآءَاللّٰه دنيا ۾ اهو ڏسي وٺندو ته ان جي پوڙهائپ جي وقت ماڻهو ان جو احترام ڪندا. ان وعدي ۾ فرمايو ويو ته اهڙو انسان وڏي عمر

۽ ماڻيندو، دنيا ۾ مال، عيش، عزت ۽ ان کي ملندي آخرت جو اجر ان کان علاوه آهي. (طبقاتِ کبری للشعرانی جزء 1 ص 200)

## مسڪينن ۽ بيواهن جي داد رسي

پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سفر کان واپسي تي جڏهن پنهنجي ڳوٺ جي ويجهو پهچندا ها ته سامان ٻڌڻ واري رَسي کڍي وٺندا ۽ ڪاٺيون جمع ڪري پنهنجي مٿي تي رکندا هئا پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي ڏسي ٻيا فقير به ائين ئي ڪندا هئا ۽ شهر ۾ داخل ٿي بيواهن، مسڪينن معزورن، بيمارن، نابينن ۽ پوڙهن ۾ اهي ڪاٺيون ورهائيندا هئا، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪڏهن به بُرائي جو بدلو برائي سان نه ڏيندا هئا. (طبقات الكبریٰ للشعراني جزء ١ ص ٢٠٠)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان اسان جي بزرگن سڳورن جي زندگي گذارڻ جو طريقو ڪيترو نه پيارو هو جو ڪٿي جانورن سان حسن سلوڪ سان پيش ايندا ها ته ڪٿي بيمارن جي عيادت ڪندا ها، ڪٿي محتاجن ۽ پريشانن ۾ مبتلا ماڻهن جي دستگيري فرمائيندا ها ته ڪٿي نابينن ۽ پوڙهن جي خيرخواهي ۽ دلجوئي فرمائيندا ها، مطلب ته هي حضرات مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن فرمانِ ذيشان: خَيۡرُ النَّاسِ اَنۡفَعُهُمۡ لِلنَّاسِ يعني بهترين شخص اهو آهي جيڪو ماڻهن کي فائدو پهچائي. (جامع صغير ص 246، حديث:4044، دارالكتب العلميه بيروت) جي عملي تصوير هوندا ها، تنهنڪري اسان کي به پنهنجي مسلمان ڀائرن سان خيرخواهي ۽ دلجوئي سان پيش اچڻ گهرجي.

شيخ طريقت اميراهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ خيرخواهي ۽ دلجوئي جي متعلق ارشاد فرمائن ٿا: مسلمانن جي دلجوئي ڪرڻ جي تمام گهڻي اهميت آهي. جيئن حديثِ پاڪ ۾ آهي: فرائض کان پوءِ سڀ اعمالن ۾ الله پاڪ کي وڌيڪ پيارو عمل مسلمان جي دل خوش ڪرڻ آهي. (معجم ڪبير ج11 ص 59، حديث1079،دار احياء التراث العين العربي بيروت)

واقعي جيڪڏهن هن پُرفتن دور ۾ اسان سڀ هڪبئي جي غمخواري ۾ لڳي وڃون ته جلدي دنيا جو نقشو ئي بدلجي وڃي. پر افسوس! هاڻي ته ڀاءُ ڀاءُ سان وڙهڻ جي لاءِ تيار آهي. اڄ مسلمان جي عزت ۽ آبرو ۽ ان جي جان و مال مسلمان جي ئي هٿان پامال ٿيندي نظر اچي رهي آهي. الله پاڪ اسان کي نفرتون ختم ڪرڻ ۽ محبتون وڌائڻ جي توفيق عطا فرمائي. (فيضانِ سنت ج1 ص 1244، مڪتبة المدينه ڪراچي)

مسلماں مسلمان کو خوں کا پیاسا — ہوا وقت آیا عجب یاالٰہی
سبھی ایک ہو جائیں ایمان والے — پئے شاہِ عالی نسب یاالٰہی

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مونکي منهنجو عيب ٻڌاءِ

هڪ ڏينهن حضرت سيّد احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عاجزي طور پنهنجي مريدن کي فرمايو: توهان مون ۾ ڪو عيب ڏٺو هجي ته

مون کي ٻڌايو، هڪ مريد اٿي عرض ڪيو: ياسيّدي! اوهان ۾ هڪ وڏو عيب آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پڇيو: اي منهنجا پيارا پاءُ! ڪهڙو عيب؟ ان (بہ عاجزي وارو جواب ڏيندي) عرض ڪيو: اوهان ۾ عيب اهو آهي جو اسان جهڙن(بُرن ماڻهن) کي پنهنجي صحبت سان نوازي رکيو آهي. اِهو ٻڌي سيئي مريد روئڻ لڳا گڏوگڏ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي اکين مان بہ نير وهڻ لڳا ۽ فرمائڻ لڳا: مان توهان جو خادم آهيان، مان توهان کان ڪم تر آهيان. (طبقاتِ کبريٰ للشعراني جزء١ ص٢٠١)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان امام احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ولايت جي عظيم رتبي تي فائز هئڻ جي باوجود ڪيتري قدر عاجزي و انڪساري فرمائيندا هئا. يقيناً پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي سيرت مبارڪ ۾ اسان جي لاءِ بيشمار مدني گل آهن. پر اِهو بہ ياد رکو تہ عاجزي صرف الله پاڪ جي رضا جي خاطر هئڻ گهرجي چوتہ اها ئي عاجزي عظيم ثواب ۽ ترقيءِ درجات جو باعث بڻجي سگهي ٿي جيڪڏهن ڪو شخص رياڪاري واسطي عاجزي ڪري ٿو تہ اهڙي عاجزي جان جي لاءِ وبال بہ بڻجي سگهي ٿي. اميراهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪوڙي عاجزي کان بچڻ جي ترغيب ڏيندي نيڪ عمل نمبر 42 ۾ فرمائن ٿا: اڄ توهان عاجزي جا اهڙا الفاظ جن جي دل تائيد نہ ڪري ڳالهائي نفاق ۽ رياڪاري جو ارتڪاب تہ نہ ڪيو؟ مثلاً هن طرح چوڻ تہ مان حقير آهيان، ڪميڻو آهيان وغيره جڏهن تہ دل ۾ پاڻ کي حقير نہ سمجهندو هجي.

## فرمانِ غوثِ اعظم تي گردن جھڪائي ورتي

**بَهْجَةُالْاَسرار** ۾ آهي تہ قطبِ ربّاني، شهبازِ لامڪاني، محي الدّين حضرت سيّد عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جنهن وقت قَدَمِیْ هٰذِهٖ عَلٰی رَقَبَةِ كُلِّ وَلِیِّ اللهِ (منهنجو هي قدم هر ولي جي گردن تي آهي) فرمايو تہ حضرت سيّد احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي گردن جهڪائي عرض ڪيو: عَلٰی رَقَبَتِی (منهنجي گردن تي بہ اوهان جو قدم آهي) حاضرين عرض ڪيو: حضور! توهان هي ڇا پيا فرمايو؟ تہ پاڻ ارشاد فرمايائون: هن وقت بغداد ۾ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه قَدَمِیْ هٰذِهٖ عَلٰی رَقَبَةِ كُلِّ وَلِیِّ اللهِ جو اعلان فرمايو آهي ۽ مون گردن جهڪائي سندن تعبيداري ڪئي آهي. (بهجة الاسرار ص 33 ملخصاً)

**اعليٰ حضرت** امام اهلسنت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فتاويٰ رضويہ جلد28 صفحو388 تي حضرت خضر مَوصِلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو واقعو نقل ڪن ٿا: اهي فرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن مان حضرت سرڪارِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي بارگاهہ ۾ حاضر هيس منهنجي دل ۾ خواهش جاڳي تہ شيخ احمد رفاعي(رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه) جي زيارت ڪيان، سيّدي غوثِ پاڪ فرمايو: ڇا شيخ احمد رفاعي کي ڏسڻ تو چاهين؟ مون عرض ڪيو: هائو، حضور(غوثِ اعظم رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه) ٿوري دير مٿو مبارڪ جهڪايو پوءِ مون کي فرمايو: اي خضر! ڏسو هي آهن شيخ احمد. پوءِ مون پاڻ کي حضرت احمد رفاعي(رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پرسان پاتو ۽ مون انهن کي ڏٺو تہ رعبدار شخص آهن مان اٿيس ۽ انهن کي سلام ڪيو، اُن تي حضرت رفاعي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه

مون کي فرمايو: اي خضر! جيڪو شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي ڏسي حالانڪ اهي تمام ولين جا سردار آهن اهو مون کي ڏسڻ جي آرزو(ڇو تو ڪري؟) مان ته انهيءَ جي ماتحتن مان آهيان، اهو فرمائي منهنجي نگاهه مان غائب ٿي ويا پوءِ حضور سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي وصال شريف کان پوءِ بغداد شريف کان حضرت سيّدي احمد رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي زيارت جي لاءِ اُمّ عبيده (هڪ جڳهه جو نالو) ويس انهن کي ڏٺم ته اهي ئي بزرگ هئا جن کي مون ان ڏينهن حضرت شيخ عبدالقادر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پهلو ۾ ڏٺو هو. جيئن مون سندن کي ان وقت ڏٺو هو اهائي ساڳي شناخت هن وقت به ڏني. حضرت احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو:اي خضر! ڇا پهرين(زيارت) اوهان کي ڪافي ڪانه هئي.؟

## امام رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ۽ اولياءِ امت

امام رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي عظمت و رفعت ۽ قدر و منزلت جي بيان ۾ تمام وڏن وڏن اوليائن ۽ بزرگانِ دين جا ملفوظات ملن ٿا اچو انهن مان ڪن هستين جا ملفوظات ٻڌون ٿا:

(1) ڪنهن حضور غوثِ اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي بارگاهه ۾ امام رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي متعلق پڇيو ته ارشاد فرمايائون: انهن جو سمورو ئي اخلاق قرآن و سنت جي عين مطابق آهي ۽ انهن جي دل الله ربّ العزت جي ذڪر ۾ مشغول آهي. انهن سڀ ڪجهه ڇڏي سڀ ڪجهه پاتو (يعني رضاءِ الٰهي جي خاطر دنيا کي ڇڏيائون ته ربّ پاڪ مليو ۽ جڏهن ربّ پاڪ مليو ته سڀ ڪجهه ملي ويو.) (سيرتِ سلطان الاولياء ص 200، ملخصاً)

(2) وليءِ ڪبير حضرت سيّدنا ابراهيم هَوازِني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان سَيِّد احمد ڪبير رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي ڪهڙي تعريف ڪيان: سندن جسم مبارڪ جو هر وار هڪ اڪ ٻٽجي چڪو آهي جنهن جي ذريعي اهي ساڄي کابي، اوپر ۽ اولهه هر طرف کان ڏسن ٿا: (سيرتِ سلطان الاولياء ص 200، ملخصاً)

(3) اعليٰ حضرت، امام اهلسنت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: سندن شمار اقطابِ اربعہ ۾ ٿئي ٿو يعني انهن چئن ۾ جيڪي تمام قطبن ۾ اعليٰ ۽ ممتاز ڳڻيا ويندا آهن. اَوّل حضور پرنور سيّدنا غوثُ الاعظم، ٻيو سيّد احمد رفاعي، ٽيون سيّد احمد ڪبير بدوي، چوٿون حضرت سيّد ابراهيم دُسُوقي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهم

## دنيا ۾ جنّتي محل جي ضمانت

هڪ ڀيرو حضرت سَيّدنا امام احمد ڪبير رفاعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي مريد خاص حضرت سيّدنا جمال الدين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي خواهش تي انهن جي لاءِ هڪ باغ خريد ڪرڻ جي لاءِ ويا تہ باغ جي مالڪ شيخ اسماعيل چيو تہ جيڪڏهن هن باغ جي بدلي منهنجي خواهش مطابق قيمت نہ ملي تہ مان هرگز نہ وڪڻندس، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: اي اسماعيل! مون کي ٻڌايو هن جي ڪيتري قيمت چاهيو ٿا؟ ان چيو: ياسيّدي! مان جنتي محل جي بدلي ئي ۾ اهو باغ اوهان کي ڏئي سگهان ٿو، پاڻ فرمايائون: منهنجي ڀلا ڪهڙي حيثيت جو مون کان جنتي محل گهري رهيو آهين؟ مون کان دنيا جي جيڪا شيءِ ڪپيوَ گهرو؟ ان چيو: مون کي دنيا جي ڪنهن شيءِ جي ضرورت ناهي. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجو مٿو مبارڪ جهڪايو

چهري جو رنگ تبديل ٿي پيلو ٿي ويو ٿوري دير کان پوءِ مٿو ڪنيائون تہ چهرو ڳاڙهاڻ ۾ تبديل ٿي ويو. پوءِ فرمايائون: اسماعيل! جيڪو تو گهريو هو مون ان جي بدلي اِهو باغ خريدي ورتو آهي. ان عرض ڪيو: ياسيّدي! اها ڳالھ مون کي لکي ڏيو. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هڪ ڪاغذ تي بسم الله شريف لکڻ کان پوءِ هيءَ عبارت تحرير ڪئي: هي اِهو محل آهي جنهن کي اسماعيل بن عبدُالمُنعم فقير حقير ٻانهي احمد بن ابوحسن رفاعي(رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه) کان خريديو آهي جنهن جا ضامن حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ آهن، ان جون چار حدون هي آهن: هڪ طرف جنّتِ عدن آهي تہ ٻي طرف جنّتِ ماوي آهي، ٽئين طرف جنّت خلد ۽ چوٿين طرف جنتِ فردوس آهي، اُتي جون سيئي حورون و غلمان، قالين، ساز و سامان، نهرون ۽ سيئي وڻ هن خريداري ۾ شامل آهن، هي محل اسماعيل دنياوي باغ جي بدلي ۾ ورتو آهي، الله پاڪ هن ڳالھ جو گواھ و ڪفيل آهي.

پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه اِهو ڪاغذ ويڙهي شيخ اسماعيل جي حوالي ڪيو. اها تحرير ڪٽي پنهنجي ٻارن وٽ آيا ۽ فرمايائون: مون اهو باغ سيّدي احمد کي فروخت ڪري چڪو آهيان، ٻارن چيو: اوهان ڇو فروخت ڪيو جڏهن تہ اسان کي تہ هن جي ضرورت هئي؟ تہ انهن جنتي محل ملڻ جو واقعو ٻڌايو. ٻارن چيو: اسان ان وقت راضي ٿينداسي جڏهن هن محل ۾ اسان جي بہ شرڪت ٿيندي. فرمايائون: اهو اسان سيني جو باغ آهي. ان کان پوءِ اهو باغ حضرت سيّدنا جمالُ الدين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي حوالي ڪيو. ڪجھ وقت کان پوءِ شيخ اسماعيل رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو انتقال ٿي ويو. جوتہ انهن زندگي ئي ۾ پنهنجي پٽن کي اها وصيت ڪري ڇڏي هئي تہ هيءَ تحرير

منهنجي ڪفن ۾ رکي ڇڏجو، تہ پوءِ اڳين ڏينهن انهن جي قبر تي لکيل ڏٺو ويو ”قَدۡ وَجَدۡنَا مَا وَعَدَنَا رَبُّنَا حَقًّا (يعني اسان کي تہ ملي ويو جيڪو سچو وعدو اسان سان اسان جي ربّ ڪيو هو.) (جامع ڪراماتِ اولياء ج1 ص492، ملخصاً)

## ٻوڙا بہ ڪلام ٻڌي وٺندا هئا

حضرت سيّد احمد ڪبير رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي عادتِ ڪريمہ هئي تہ ويهي بيان ڪندا هئا، سندن آواز پري پري تائين بہ اهڙي طرح صاف ٻڌڻ ۾ ايندو هو جهڙي طرح قريب وارا ٻڌندا هئا، ايسيتائين جو پرپاسي وارا پنهنجي ڇتن تي چڙهي سندن بيان ٻڌندا هئا ۽ انهن کي هڪ هڪ لفظ صاف ٻڌڻ ۾ ايندو هيو، جڏهن ٻوڙا سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندا هيا تہ الله پاڪ سندن گفتگو ٻڌڻ جي لاءِ انهن جا ڪن کولي ڇڏيندو هو ۽ مشائخِ طريقت حاضر ٿيندا هيا تہ دورانِ بيان پنهنجو دامن ڦهلائي رکندا هئا جڏهن امام رفاعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بيان مان فارغ ٿيندا هئا تہ اهي حضرات سندن دامن سيني سان لڳائيندا ۽ واپس اچي پنهنجي مريدن جي سامهون هر ڳالهہ بيان ڪندا هئا. (طبقاتِ ڪبريٰ للشعراني جزء 1 ص199)

## جهنم کان آزادي جو پروانو

هڪ پيرو حضرت سيّدنا امام رفاعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا بہ مريد عبادت و رياضت جي لاءِ صحراءِ ۾ موجود هئا. انهن مان هڪ آرزو ڪئي تہ ڪاش! اسان تي جهنم کان آزادي جو پروانو نازل ٿي وڃي، ايتري ۾ آسمان مان هڪ اڇو ڪاغذ ڪِريو، انهن ان کي کڻي ڏٺو تہ بظاهر ڪا عبارت لکيل ڪانہ هئي، اهي ٻئي هن ڪاغذ

کي پيرو مرشد وٽ ڪٽي ويا پر واقعي جو پس منظر ڪونہ ٻڌايو، پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه ان ڪاغذ کي ڏنو ۽ سجدي ۾ ڪري پيا، پوءِ مٿو کڻي فرمايائون: اللہ پاڪ جو شڪر آهي جو ان منهنجي مُريدن جي جهنم کان آزادي جو پروانو دنيا ئي ۾ مونکي ڏيکاري ڇڏيو، پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه کي عرض ڪيو ويو: حضور! هيءُ تہ خالي ڪاغذ آهي، فرمايائون: دستِ قدرت مَس وغيره جو محتاج ناهي هيءُ ڪاغذ نور سان لکيل آهي. (جامع ڪرامات الاولياء ج 1 ص 493)

## ملفوظاتِ احمد ڪبير رفاعي رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه

(1) جيڪو پاڻ تي غير ضروري ڳالهيون لازم ڪري ٿو اهو ضروري ڳالهين کي بہ ضايع ڪري ڇڏي ٿو.

(2) جيڪو شخص اهو خيال ڪري تہ ان جا اعمال ان کي ربّ پاڪ تائين پهچائي ڇڏيندا تہ اهو پنهنجو رستو وڃائي ڇڏيو. (پنهنجي اعمال بدران رحمتِ الٰهي تي نظر ڪري)

(3) اللہ پاڪ غوثن ۽ قطبن کي غيبن تي مطلع فرمائي ڇڏيندو آهي پوءِ جيڪو بہ وڻ ڦٽندو آهي ۽ پن سائو ٿيندو آهي اهي سيئي جاڻي وٺندا آهن.

(4) جيڪو اللہ پاڪ تي توّڪُل ڪري ٿو اللہ پاڪ ان جي دل ۾ حڪمت داخل فرمائي ٿو ۽ هرمشڪل گهڙي ۾ ان کي ڪافي ٿي ويندو آهي.

(5) ڪيترائي خوش نصيب ٿيڻ وارا اهڙا آهن جو انهن جي خوشي

انهن جي لاءِ مصيبت بڻجي ويندي آهي ۽ ڪيترا ئي غمگين اهڙا آهن جو انهن جو غم انهن جي لاءِ باعثِ نجات بڻجي ويندو آهي.

(6) افسوس آهي اهڙي ماڻهوءَ تي جيڪو دنيا ملڻ تي ان ۾ مشغول ٿي ويندو آهي.

(7) الله پاڪ سان محبّت جي علامت هي آهي تہ اولياءُ الله رَحِمَهُمُ الله کان علاوه تمام مخلوق کان وحشت ٿئي چوتہ اولياء سان محبت الله پاڪ سان محبت آهي.

## سندن اولاد

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪثير اولاد بزرگ هئا، سندن جا 12 صاحبزاده ۽ 2 صاحبزاديون هيون، انهن مان چار صاحبزادن سان سندن سلسلهٔ نسب اڳتي وڌيو. (شانِ رفاعي، ص36)

## زندگي جا آخري ڏهاڙا

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا خاص خادم حضرت يعقوب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: وصال کان پهريان سيد احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پيٽ جي مرض ۾ مبتلا ٿيا، هڪ مهيني تائين انهيءَ مرض ۾ مبتلا رهيا ۽ ويهن ڏينهن تائين نہ ڪجهه کاڌائون ۽ ڪجهه پيتائون، پڻ زندگي جي آخري لمحن ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تي تمام گهڻي رقت طاري هئي پنهنجو چهرو ۽ ڏاڙهي مبارڪ مٽيءَ تي رڳڙيندا ۽ روئندا رهندا هئا چپن تي اها دعا

جاري هئي يا الله! عفوو درگذر فرما، ياالله! مون کي معاف فرمائي ڇڏ، ياالله! مون کي هن مخلوق تي اچڻ وارين مصيبتن جي لاءِ ڇت بڻائي ڇڏ. (طبقاتِ کبريٰ للشعراني جزء 1 ص 202)

آخرڪار 78 سال هن دنيا ۾ رهي ڪري مخلوقِ خدا جي رشد و هدايت جو ڪم ڪرڻ کان بعد خميس جي ڏينهن 22 جمادي الاوليٰ578 ھ بمطابق 13 سيپٽمبر 1182ء ظهر جي وقت هن دنيا مان آخرت جو سفر اختيار ڪيو، پاڻ رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه جي زبان مبارڪ مان ادا ٿيڻ وارا آخري ڪلما هي هئا:

اَشْهَدُ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللهِ

## وصال کان پوءِ بہ حاجت روائي

حضرت شيخ عمر فاروثي رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي ڪيئي پيرا امام رفاعي رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه جي مزار شريف تي حاضري جي سعادت نصيب ٿي، هڪ ڀيري ائين بہ ٿيو تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه قبر مبارڪ مان وڏي آواز سان منهنجي هڪ حاجت جي باري ۾ فرمايو: وڃ تنهنجي حاجت پوري ڪئي وئي. (جامع ڪراماتِ اولياء ج1 ص 491)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلَّى اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

